مڪالمو نمبر- ١١

# سر سسئي معذور جو مطالعو

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مڪالمو نمبر -11

# سر سسئي معذور جو مطالعو

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي عيسوي ٻه سؤ چوويهين
ٻارهي (١٩٧٦) ۽ هجري ٻه سؤ ايڪٽيهين ٻارهي (١٣٩٦ هه)
جي موقعي تي منعقد ڪيل مڪالمي جي ڪارروائي


مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٩٧٧ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو ٻيون صفر ١٣٩٧ ھ / فيبروري ١٩٧٧ع ھڪ ھزار ڪاپيون

حق واسطا قائم

قيمت ٦-٠٠

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

عبدالحميد آخوند
سيڪريٽري
شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي
سنڌ يونيورسٽي (پراڻي عمارت) حيدرآباد

ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاھ، ضلعو حيدرآباد سنڌ

ھيءَ ڪتاب جمالي پرنٽنگ پريس، مدينه مارڪيٽ، گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد مان شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ - ١

حضرت شاهه عبداللطيف رحه جي مستند سوانح ۽ شاهه جي رسالي جي جامع ۽ معاري متن مرتب ڪرڻ لاءِ سنه ١٩٦٦ع ۾ بنده راقم، اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ "شاه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي" جي آڏو هڪ تفصيلي تجويز پيش ڪئي، جنهن جي مدنظر ڪاميٽي پنهنجي گڏجاڻي مورخه ٣٠ سيپٽمبر ١٩٦٦ع ۾ حضرت شاه صاحب جي سوانح توڙي رسالي جي مختلف بنيادي ماخذن کي شايع ڪرڻ جي ورتا منظور ڪئي. ان کان پوءِ حضرت شاه صاحب جي شاعرانه عظمت ۽ رسالي جي تفصيلي مطالعي خاطر اهو پڻ طئي ڪيو ويو ته هر سالگره جشن جي موقعي تي حضرت شاه صاحب جي فڪر، ٻولي ۽ شاعري جي خاص موضوعن ۽ رسالي جي سينڌي سُرن مان هرهڪ تي عالمانه بحث مباحثي خاطر "مڪالمو" منعقد ڪيو وڃي، ۽ ان جي ڪارگذاري شايع ڪئي وڃي. هن ٺهرايل تجويز مطابق سنه ١٩٦٦ع کان وٺي اهڙن مڪالمن جو سلسلو شروع ٿيو، ۽ هن وقت تائين هيٺين ڏهن (١٠) موضوعن تي مڪالما منعقد ڪيا ويا آهن، جن مان هرهڪ ۾ پيش ٿيل مواد ۽ مباحثي بابت هيٺيان ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن.

| | |
|---|---|
| ١- شاه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار | ١٩٦٧ع |
| ٢- شاه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار | ١٩٦٨ع |
| ٣- شاهه، سنڌي ٻولي جو معمار | ١٩٦٩ع |
| ٤- سر ڪلياڻ جو مطالعو | ١٩٧٠ع |
| ٥- سر جمن جو مطالعو | ١٩٧١ع |
| ٦- سر ڪنڀات جو مطالعو | ١٩٧٢ع |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧- سر سريراڳ جو مطالعو ١٩٧٣ع
٨- سر سامونڊي جو مطالعو ١٩٧٤ع
٩- سر سهڻي جو مطالعو ١٩٧٥ع
١٠- سر سسئي آبري جو مطالعو ١٩٧٦ع

هي ٤ انهيءَ سلسلي جو يارهون ڪتاب آهي، جيڪو شاهه صاحب جي حيات ۽ پيغام بابت بنيادي مواد طور مفيد ثابت ٿيندو.

اسلام آباد
٣٠- جنوري ١٩٧٧ع

خادم العلم
نبي بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عنوانن جي فهرست


* ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مهاڳ الف - ب
* عبدالحميد آخوند سيڪريٽري: مڪالمي جي ڪارروائي ۴
* ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ : سر معذوري جو فلسفو ۹
* عابد بلوچ : سر معذوري جو روحاني واز ۱۶
* سيد احسان علي شاه : سر معذوري جو روحاني راز ۲۴
* صوفي نيڀراج موڌهر : سر معذوري جو روحاني راز ۳۳
* الحاج رحيم بخش "قمر" : سر معذوري جو روحاني راز ۳۹
* پروفيسر غلام رسول بلوچ : سر معذوري جو تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر ۴۲
* سيد نجف علي شاه "ڪمتر" نقوي: سر معذور ۾ لغت ۽ معنيٰ ۵۰
* سيد منظور نقوي : سر معذور جي موسيقي ۵۷
* سيد مبارڪ علي لکوي : سر معذور ۾ جانورن ۽ پکين جو ذڪر ۶۱
* محمد عمر "معمور" يوسفاڻي : سر معذور ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون ۶۶
* پروفيسر مير محمد پيرو : سر معذور ۾ روحاني راز ۹۴
* متن سر معذور ۹۹
* ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ : رسالي جي هڪ نسخي جو مطالعو ۱۱۹


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حضرت شاه عبد اللطيف ڀٽائي جي رسالي ۽ سوانح بابت جامع تحقيقاتي رٿا هيٺ شايع ٿيل ڪتاب

(منظور ڪيل ثقافتي مرڪز ڪاميٽي - ٣٠- سيپٽمبر ١٩٦٦ع)
زير نگراني: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## (الف) رسالي جو سرن وار تحقيقي مطالعو

| | | |
|---|---|---|
| ١. | شاه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار | ١٩٦٧ع |
| ٢. | شاه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار | ١٩٦٨ع |
| ٣. | شاهه سنڌي ٻولي جو معمار | ١٩٦٩ع |
| ٤. | سر ڪاپائتي جو مطالعو | ١٩٧٠ع |
| ٥. | سر جمن جو مطالعو | ١٩٧١ع |
| ٦. | سر ڪنڀات جو مطالعو | ١٩٧٢ع |
| ٧. | سر سريراڳ جو مطالعو | ١٩٧٣ع |
| ٨. | سر سامونڊي جو مطالعو | ١٩٧٤ع |
| ٩. | سر سهڻي جو مطالعو | ١٩٧٥ع |
| ١٠. | سر سسئي آبري جو مطالعو | ١٩٧٦ع |
| ١١. | سر سسئي معذوري جو مطالعو | ١٩٧٧ع |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۽ سوانح بابت جامع تحقيقاتي رٿا هيٺ شايع ٿيل ڪتاب

## (ب) رسالي ۽ سوانح بابت بنيادي ماخذن ۽ ڪتابن جي اشاعت

١. لطائف لطيفي (فارسي): مير عبدالحسين خان "سانگي" ١٩٦٧ع

٢. شاهه جو رسالو (برٽش ميوزم وارو نسخو)
تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٦٩ع

٣. احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي: ميرزا قليچ بيگ ١٩٧٢ع

٤. شاهه جي رسالي جا سرچشما: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٧٢ع

٥. شاهه جي رسالي جي ترتيب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٧٤ع

٦. شاهه جو رسالو (١٢٦٩ هه ۽ ١٢٧٠ هه جي ٻن آڳاٽن
قلمي نسخن مطابق) تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ١٩٧٤ع

٧. پنج گنج، تصنيف قادر بخش بيدل رحه،
مرتبه فقير سبحان بخش سجاده نشين درگاهه بيدل رحه ١٩٧٦ع

٨. شاهه جو رسالو: سر سسئي مان شروع ٿيندڙ ڏهن قلمي
نسخن مان پيش ڪيل ١٩٧٦ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مڪالمي جي ڪارروائي

سرتاج الشعراء حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي عيسوي ۾ ٻٽ چوويهين ۽ هجري ۾ ايڪٽيهين عرس مبارڪ (١٩٧٦ع-١٣٩٦ هه) جي ٻئي ڏينهن ١٧- فيبروري ١٩٧٦ع تي ثقافتي مرڪز جي لئبرريءَ هال ۾ دستور مطابق ادبي مڪالمو منعقد ٿيو، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان آيل عالمن ۽ اديبن پنهنجا مقالا پڙهيا. مڪالمي جو موضوع هو ”سر معذور جو مطالعو“. تقريب جي صدارت جناب ڊاڪٽر قاضي محمد علي صاحب ڪئي.

سڀ کان اول اعزازي سيڪريٽري جناب الهه بخش ايم. نظاماڻي مرحبائي تقرير ڪئي ۽ شاه صاحب رحه جي ڪلام ۽ ڪلام مان ”سر سسئي معذور“ تي روشني وڌي، مڪالمي منعقد ڪرائڻ وارين ڪوششن جي اپٽار ڪئي ۽ شريڪ ٿيندڙ عالمن ۽ اديبن جا ٿورا مڃيا. نظاماڻي صاحب جي اها مرحبائي تقرير هن ريت هئي:

عالي جناب محترم ڊاڪٽر قاضي محمد علي صاحب

آءٌ ٻٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي طرفان اوهان جو دلي شڪريو ادا ڪيان ٿو جو اوهان ڪيترين مشغولين هوندي به تڪليف وٺي اچي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي عرس مبارڪ جي موقعي تي هن ادبي سيمينار جي صدارت ڪرڻ فرمائي آهي. اوهان جي شخصيت تعارف جي محتاج نه آهي. اوهان هڪ وڏا اديب ۽ عالم آهيو. اوهان جي هميشه ادبي، علمي ۽ تعليمي ڪارنامن ۾ گهري دلچسپي رهي آهي. اوهان جون اهي ادبي خدمتون ياد رهنديون. ان مان گڏ آءٌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن چند لفظن بعد آخر ۾ آءٌ وري به صدر محترم ۽ پين معزز اديبن جو ممنون آهيان جو اوهان تڪليف وٺي اچي هن محفل ۾ شريڪ ٿيا آهيو. هاڻي آءٌ صدر محترم کي عرض ڪندس ته هن مڪالمي جو افتتاح ڪرڻ فرمائين.

نظاماڻي صاحب جي مرحبائي تقرير کان پوءِ جناب ڊاڪٽر قاضي محمد علي مڪالمي جي ڪارروائي جو آغاز ڪيو. هر سال مڪالمي جي انعقاد ۽ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي سوانح ۽ ڪلام بابت ڀٽ شاه ثقافتي ڪاميٽي جي ڪوشش کي ساراهيو. ان کان پوءِ اديبن سلسليوار پنهنجا مقالا پڙهيا. جن اديبن مڪالمي ۾ حصو ورتو، تن جا نالا قابل ذڪر هي آهن:

١- سيد نجف علي شاه ”ڪمتري“ نقوي، حيدرآباد
٢- پروفيسر محمد اڪرم انصاري، حيدرآباد
٣- غلام رسول بلوچ، حيدرآباد
٤- سيد منظور نقوي، حيدرآباد
٥- پروفيسر مير محمد پنهور، حيدرآباد
٦- محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي، عمرڪوٽ
٧- عابد بلوچ، حيدرآباد
٨- ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، لاڙڪاڻو
٩- سيد مبارڪ علي لکوي، ڪراچي
١٠- ممتاز مرزا، ڪراچي
١١- شيخ محمد اسماعيل، حيدرآباد

سيد احسان علي شاه، صوفي نيپراج ۽ الحاج رحيم بخش ”قمر“ پنهنجا مقالا موڪلي ڏنا هئا. جيڪي پڻ هن مجموعي ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

حيدرآباد سنڌ — سيڪريٽري

٣٠- جنوري ١٩٧٧ع — ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# سُر معذوريءَ جو فلسفو

شاهه صاحب هن سُر ۾ انسان جي اصليت ۽ حقيقت، ڪيفيت ۽ ماهيت، زندگيءَ ۽ موت تي نهايت سولي، سلوڻي ۽ اثرائتي انداز ۾ روشني وڌي آهي. زندگي ۽ موت، جزا ۽ سزا، ڏک ۽ سک جا مسئلا انساني سوچ ۾ ابتدا کان وٺي وڏي اهميت رکن ٿا. انسان هزارن سالن کان سوچيندو ۽ مختلف نظريا قائم ڪندو آيو آهي. انهن ئي مسئلن جي سوچ جو نتيجو هو، جو انسان جاني قربانيون ڏيندو هو ۽ وڏا جوکائتا ڪم سر انجام ڏيندو هو. انهيءَ ئي مسئلي جي سوچ انسان کي جانورن ۽ انسانن جي قربانين تي آماده ڪيو ۽ انسان پنهنجا ٻار قربان ڪرڻ، جيئري پنهنجو پيٽ ڦاڙي دل ڪڍڻ، پاڻ کي جيئرو جلائڻ کي پنهنجي سعادت ۽ ڇوٽڪارو سمجهڻ لڳو. انهيءَ ئي مسئلي تي سوچي انسان جُونِ يا تناسخ جو نظريو قائم ڪيو، جيڪو نه فقط هندستان، پر مصر، يونان ۽ ايران ۾ به مڃيو ٿي ويو.

انهن پراڻن نظرين انسان کي منجهايو ۽ پريشان ڪيو ۽ سنئين وٽي تان ٿيڙي چڙهيو. ڪيس اهڙي اوڙاهه ۾ وجهي اڇلايو، جو هو پنهنجي اڏام جا پر ڪوهي، ڏڏڙ ۾ ليٽڻ لڳو. هو پنهنجو شرف ۽ شان وڃائي، ڪک پن، پتر ٺڪر ۽ جيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي پنهنجو خدا سمجهڻ لڳو. انهيءَ ڪري سندس ذهن ۽ شعور جي اوسر ته ڪانه ٿي، بلڪ پستيءَ ۾ ڪري پيو.

انسان کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي خالق اڪبر پنهنجي پياري پيغمبر، نبي آخر زمان محمد صلي الله عليه وسلم جي ذريعي پنهنجو پيغام موڪليو ته جيئن هو پنهنجي خالق حقيقي کي سڃاڻي ۽ پنهنجي شرف ۽ شان کان واقف ٿئي. اسلامي تعليم موجب انساني عقل جي ڪامل ترين رهنمائيءَ جي لاءِ وحي رباني جي صورت ۾ خارجي روشنيءَ جي ضرورت آهي. انهيءَ کان سواءِ انساني عقل پنهنجو صحيح ڪردار ادا ڪرڻ کان محروم رهي ٿو. يعني جيڪڏهن انسان وحي الاهي جي رهبري ۽ رهنمائيءَ کان سواءِ پنهنجي سر فقط پنهنجي عقل تي هلندو ته ٿڙواند ٿي ويندو. اسلام جي ٻي اهم ۽ بنيادي خصوصيت توحيد جو عقيدو آهي. قرآن حڪيم توحيد جي عقيدي کي انسان ۽ ڪائنات جي سموري اڀياس جو مرڪز ۽ محور بڻايو آهي ۽ ان کي ڪائنات جي مطالعي لاءِ هڪ بنيادي ضرورت ٺهرايو آهي. توحيد تي ايمان آڻڻ کان سواءِ ڪائنات جي مطالعي جي جيڪا به ڪوشش ڪئي ويندي، آها بي سود ۽ لاحاصل هوندي. قرآن ڪريم ۾ بدايو ويو آهي ته ڪائناتي وحدت جو اصل الاصول الله تعاليٰ جو وجود آهي، جيڪو هڪ آهي ۽ لاشريڪ آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر ۽ فلسفو به اسلامي تعليم جو ترجمان آهي. هن انسان ۽ ڪائنات تي سوچيو ۽ ويچاريو آهي، پر سندس سوچ ۽ ويچار، فڪر ۽ فهم قرآني حڪمت ۽ وحي الاهيءَ جي روشنيءَ ۾ آهي. هن جي نظر ۾ سڀني علمن جو ماخذ هڪ آهي ۽ ان جو مقصد ۽ مدعا يعني نصب العين به هڪ آهي. هو چوي ٿو ته ڪائنات جون رنگينيون، ۽ نفس جون سڌون ۽ خواهشون، انسان کي وڏي آزمائش ۾ وجهن ٿيون. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن هو وحي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ۾ هن کي محسوس ٿيندو آهي ته منهنجو وجود خدا جي وجود کان الڳ آهي. شاهه صاحب انهيءَ فڪر کي سمجهائڻ لاءِ هن سٽ ۾ مسافر جي تمثيل کان ڪم ورتو آهي، ڇاڪاڻ جو مسافر کي به وصال کان پوءِ وڇوڙو حاصل ٿيو هو.

شاهه لطيف فرق بعد الجمع جي نقطه نگاهه کان حقيقتون واضح به ڪري ٿو ته منهنجي عجز جو اعتراف ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ئي پاڻ کي ته هن سر کي "معذوري" نالو ڏنو اٿس، ڇاڪاڻ جو "معذور" جي معنيٰ آهي: ضعيف، لاچار.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عابد بلوچ

# روحاني راز

سر تاج الشعراء حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ڪلام ۾ اهڙا زنده جاويد ۽ سدا حيات قدر ملن ٿا، جيڪي هر دؤر ۽ هر زماني ۾ انسانيت لاءِ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا. لطيف سائين جو سمورو ڪلام "لوچڻ ۽ لهڻ" جي جيئري جاڳندي تصوير آهي. سندن ڪلام جي اها ئي وڏي خوبي آهي، جنهن ڪري دنيا جي عظيم شاعرن جي قطار ۾ آڻي بيهاريو. سندن شمار نه رڳو دنيا جي وڏن شاعرن ۾ ٿئي ٿو، پر عالمن ۽ محققن جي راءِ موجب شاهه سائين ئي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. ڊاڪٽر ٽي- ايچ ساورلي جي راءِ آهي ته: شاهه صاحب جي ڪلام جي مقابلي ۾ ٻين وڏن شاعرن جو ڪلام ايترو جامع ۽ مقصديت وارو نه آهي. ساڳي ويت اولهه جرمني جي برک عالم، اديب ۽ محقق ڊاڪٽر اينميري شمل جو چوڻ آهي ته: شاعري جو اطلاق فقط شاهه رحه جي شاعري تي ئي ٿئي ٿو.

جيتري قدر "سر معذور" جو تعلق آهي، هيءَ "سسئي- پنهون" جي داستان تي ٻڌل پنجن سرن مان پهريون نمبر آهي. لطيف سائين جنهن داستان کي تمثيل طور ڪم آڻي گهڻي ڪان گهڻا بيت چيا آهن اهو "سسئي- پنهون" ئي آهي. شاهه صاحب رحه جن سسئي کي ڳائي ۽ انهيءَ تمثيل ۾ گهڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکيءَ سنديون ڏونگريون ونڻ ٽڻ وايون ڪن
وڏان ويهي جن، وڍيءَ سي وايوڙ ڻا.

---

ڪنهن جنهن ڏکان ڏي، ڀارانيا کي ڀانئيون
سور پريائين سي، ڳالهه ڪيائين جن سين.

اهڙي ريت طالب پنهنجي جد و جهد سان هٿي هنڌ ڪري ٿو ۽ مطلوب سان ميلو ٿئيس ٿو، پر انهيءَ وصال ۽ ميلاپ کان پوءِ به اها ڳالهه اتي ختم نٿي ٿئي؛ ڇو ته جن به طالب کي طلب واري واهه ۾ روحاني رڙهندي ڏٺو ۽ جن سان به سور اوريا، جيڪي به سندس صحبت سان فيضياب ٿيا انهن تي سندس اثر ضرور ٿيندو، انهن ۾ به اها ئي ساڳي سڪ ۽ ڇڪ پيدا ٿيندي ۽ اهي به انهيءَ منزل ساڻ ۽ محبوب سان ميلي ٿيڻ لاءِ بيقرار ٿي اٿندا. اهڙي ريت طالب نه رڳو پاڻ پنهنجي منزل مقصود کي رسندو پر ٻين لاءِ ٻڻ راه جا نشان ڇڏي ويندو، جيڪي انهن لاءِ مشعل واهه ثابت ٿيندا، جيئن شاهه صاحب جن فرمايو آهي ته:

ڏکيءَ سنديون ڏونگريون ٻسو ٻٽون ٻون
مٿي ٻچاڙا منڌ کي روجهه رڃن ۾ رون
پوٽا اٿيئي ڇون، ته مٿي اسان کي مارئو.

---

سيد احسان علي شاهه

# روحاني راز

ڪيترن سالن کان هن ميلي جي موقعي تي ايندڙ آهيان ۽ هتي ادبي ۽ ثقافتي محفلن ۾ شوق سان شرڪت پڻ ڪندو آهيان ۽ دلچسپيءَ سان اديبن کي ٻڌندو آهيان. هن سال خيال آيم ۽ جرئت ڪيم ته ڇو نه آءٌ به يوسف جي خريدارن ۾ نالو ڳڻايان. حجت ڪري نظاماڻي صاحب کي عرض ڪيم، جنهن هي موقعو فراهم ڪيو. دوستو! نه آءٌ اديب آهيان نه ليکڪ، نه وري شاعر، ۽ نه شاعرن جو ڄاڻو. پر هڪ شوق ۽ تمنا هيم ته اديبن جي محفل ۾ وهان ٿو، ڇو نه پنهنجو نالو به ڳڻايان. سو ڪجهه همت ڪئي اٿم. شل قبول پئي! منهنجي هن مختصر مضمون جو عنوان آهي: ”سر معذوريءَ جو روحاني راز“.

سُر معذوري، شاهه ڀٽائي جي مسيءَ جي پنجن سُرن مان هڪ آهي، جنهن ۾ سسئي پنهونءَ جي داستان تي ٻڌل ڪهاڻي تي شعر چيو ويو آهي. ٻيا سُر هي آهن: ١- سر سسئي آبري ٢- سر ديسي ٣- سر ڪوهياري ۴- سر حسيني. انهن سُرن ۾ شاهه صاحب سسئي جو مختلف انداز ۾ بيان ڪيو آهي: جيئن ته سر سسئي آبري ۾ سسئي جي مجبوري، اپرائي، ڏيرن جي ڏاڍ، آڻن جي بيوفائي ۽ قسمت جي شوميءَ کي سهڻي نموني ۾ پيش ڪيو آهي. سُر ديسيءَ ۾ ساڳيو سسئي جو بيان ڪندي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته: جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏ ۾ سڱ ڪري، پَرڪنديُن پياس
ڪير برهمڻ ڪُنِ جي، ڪَير چائي ڪياس!
هُنڌَ نه سڃڌ سڃاسِ، هُن پَرِ ڪيس پڌري.

---

ڪم قرابت جُن جي، هتي آيم هي
رِفاقت راڪڻ، جي پهتيس پاهڙ سي.
ماڙهُو مُلاحِظو ته جو، ڪيچ نه ڪندا ڪي؟
ذاتِ نسورياڊي نيي، پر سڏ ۾ سڱ ٿئو.

---

سسئي چوي ٿي. آءٌ ڪير هيس، ڪنهن ٿي مون سڃاتو. آءٌ ته هڪ ڪنيءَ جي گهر پليس، ڪنهن ٿي سڃاتو ته آءٌ برهمڻ جي ڌي آهيان. پوءِ جڏهن پنهون سان سڱ ٿيو ته آءٌ پڌري ٿيس. ڪامل مرشد جي جڏهن رفاقت ٿي ته هدايت ٿي.

سڏ جو مطلب آهي ڪامل مرشد. برهمڻ ۽ ڪنياڻي ذات مان مراد آهي سسي جي سڃاڻپ ۽ مائٽي. هوت مان مراد آهي مطلوب. الله سان وصال، هوت ڏي هلڪي ٻار هلڻ، خچر ڪي ''لا'' جي خنجر سان نهوڙي نيڻ، ننگر مان ننگي ٿي نڪرڻ، سڪ سان سنگهر لتاڙڻ، وندر ۾ ووڙ وجهڻ، گسان نه گسڻ، نيڻان نندون ڪيڻ ۽ خودي ترڪ ڪرڻ جي سڏ ۽ سونهپ، مرشد وٽان ئي ملي سگهندي.

هونداڻ هوت پري، اوڏو آ آڻ هوند ڪي
ساڃن ڏن مري، ''لا'' ۾ لڌين جي.

---

لائي خنجر ''لا'' جو، هن خچر ڪي هڻ
سڏن جيون، ميد جي، وٽون سپ وڪڻ
پير پروڙي ڪڻ، ته هلڻ ۾ هوري وهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي نيڀراج سوٽهر

# روحاني راز

سڄاڻي جي سيد ڇٽي، آهي سڌ سيئن
هوند نه هت ڏٺن، پر قرابت ڪم ڪيو.

لاکيڻي لطيف عليہ رحمت جن ڇاسندي چار هئا. سندن فقيري ۽ فقر ڪان هر سنڌ واسي بخوبي واقف آهي. سندن سچو خاندان فقيري ۽ فيض جو صاحب رهيو آهي. سندن تڙ ڏاڏو حضرت شاه عبد الڪريم عليه رحمت، سندن والد ماجد حضرت شاه حبيب عليہ رحمت سڀ وڏا عالم درويش ۽ شاعر رهيا آهن. پاڻ به آهي ئي اڳين جون آڳون موڪيندي، هن دنيا ۾ انسان ذات لاءِ نيڪي، پرهيزگاري، انساني همدردي، خدا شناسي ۽ محبوبن جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ جي هدايت ڪندا رهيا. آهو مقصد بجاءِ نثر جي بيتن ۽ واين جي صورت ۾ نياڻيندا رهيا.

شاه صاحب عليه رحمت جن سنڌ توڙي سنڌ ڪان ٻاهر جا سفر ڪيا. سنڌ جي چپي چپي ۾ چڪر لڳايا. پاڻ وچائي پاڻ پتوڙيو ۽ پچايو. پاڻ الاهي عشق جو سمنڊ هئا، آڪير ۽ سڪ جو بحر بي انت هئا.

ڪڏهن ماروئي تي مارن ۽ ملير لاءِ، ڪڏهن سوهڻي تي پنهنجي ميهار لاءِ، ڪڏهن مومل تي پنهنجي راڻي لاءِ راز سليا ۽ سمجهايا اٿن. سسئي جي راه جا پاڻ خود پانڌيئڙو ٿيا. انهيءَ راه تي ڏي دفعا پنڌ پنيا، سفر سٺيا، جبل جهاڳيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حڪمن جي پيروي ڪر، سندن فرمان سان بدل وڃ، انهيءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪج. فرمائين ٿا ته: ”ٻڌيا نه فرمان ڪان، ملهه نه موتيئڙن“

فرمانبردار ڪتا، جيڪي جانور آهن، اهي به پنهنجي مالڪ وٽ پاڻ کي پيارو بڻائي ٿا وٺن، ته پوءِ تون ته انسان آهين، فرمانبردار رهندين ته توکي جهونڊو جهٽي نه سگهندو، توکان ڪُپر يا ڪُريت نه ٿيندي. اها ئي روحانيت کي روشني ڏيندڙ جوت جلائي اٿن. هي سر چا، مگر سچو ڪلام مالڪ لاءِ مشعل- راه آهي. پنهنجي روح جو راز سليندي، پاڻ مسئي تي فرمائين ٿا ته:

سڌر ميں سگ ڪري، ڀر ڪنڊين پياس
ڪير برهمڻ، ڪن جي، ڪير چاڻي ڪيٺاس
هوند نه سنڌ مياسِ، هن پڙيين ڪيس ڀڌري.

الحاج رحيم بخش "قمر"

# روحاني راز

دنيا جي عظيم روحاني شاعر ۽ ولي الله، سيدنا شاھ عبداللطيف ڀٽائي گھوٽ رحمةالله عليه جن جو روحاني رنگ ۾ رڱيل رسالو شريف، لڳ ڀڳ چاليھارن سُرن تي مشتمل آھي. مذڪور رسالي شريف جو ھر ھڪ عنوان سُر سان شروع ٿئي ٿو. ھيءَ سنڌ جو ھڪ باب برڪات ۽ سدا حيات سرمايو آھي، جنھن جو اکر اکر املھ ماڻڪ، جنھن جو جملو جملو جواھر، جنھن جي سٽ سٽ سچا موتي، جنھن جو ھر ھڪ فصل لازوال ۽ با ڪمال، ۽ جنھن جو ھر ھڪ سُر ۾ روحاني راز ۽ سوز سمايل آھي. جنھن جو مضمون مبارڪ اھڙو تہ مفيد ۽ مئيادار آھي، جو نہ رڳو سنڌي جي سيپ ۾ سانڍڻ جھڙو آھي، پر ان سان گڏوگڏ شاھ جي ابيات بابرڪات تي ھوريءَ طرح عمل ڪرڻ سان ھڪ انسان، انسانيت جو عروج ۽ ماڻھپي جو معراج ماڻي سگھي ٿو.

لاکيڻي لطيف رحمةالله عليہ جن پنھنجيءَ ھڪ سورمي سسئي جي صداقت ۽ سچائي جي سھاري ۾ سچا سارا پنج سر چيا آھن، جن مان آءٌ رڳو ھڪڙي سر معذوريءَ بابت ڪجھ سٽون لکي، پنھنجي ھن مضمون کي پورو ڪريان ٿو. "مَعذُوري" اصل ۾ "معذور" آھي، جنھن جي "ي" نسبت جي آھي.

ڀٽائيءَ، گھوٽ جو ڪجھ ڪلام قرآن ڪريم ۽ احاديث

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پيش مفسرين ڪرام پنهنجي مختلف تفسيرن ۽ احاديث پاڪ تان نقل ڪيو آهي، جن مان جيڪو خلاصو مفهوم هي آهي، ملاحظه فرمائيندا:

"رجل من بني ليث مريض ڪبير، يقال له جندع بن ضمره (رضي الله عنه) فقال و الله ما آنا ممن استثني الله عز و جل فانني لااجد حيله ولي من المال ما يبلغني الي المدينة و بعد منها والله بيت الليلة بمکه اخرجوني فخرجوبه علي سرير حتي آتوا به التنعيم فادرڪته الموت فصفق بيمينه علي شماله ثم قال اللهم هذه لڪ و هذه لرسولڪ ابايعڪ - الخ."

مٿئين عبارت جو خلاصو هن ريت آهي: حضرت جندع رضي الله عنه هڪ پوڙهو صحابي هو، جيڪو اوچتو بيمار ٿي پيو. ڪيس رسول الله تعاليٰ عليه و آله وسلم جن جي ازلي عشق جي امنگ اهڙو ته بيقرار ڪري ڇڏيو جو هو انهيءَ پاڪ ۽ مبارڪ شهر ۾، جنهن ۾ بيت الله شريف، صفا ۽ مروه، آب زمزم، حجر اسود، عرفات، منيٰ ۽ مزدلفه وغيره جهڙا مبارڪ مقامات هوندي به سندس دلي تمنا هئي ته هو زندگيءَ جا آخري ڏينهن، رحمة للعالمين جي حضور پر نور يعني پرين جي پاڙي ۾ رهڻ جي سعادت حاصل ڪري، ۽ سندس وصال مڪي شريف جي بدران، مديني منوره ۾ ٿئي. انهيءَ اڪنڊ جي شدت ڪان هن پنهنجي چئني پٽن کي سڏي چيو ته خدا جو قسم هينئر مڪي شريف ۾ هڪڙي رات به رهي نٿو سگهان. ان ڪري مون کي هينئر جو هينئر مديني شريف ڏانهن وٺي هلو.

ياد رهي ته ان وقت لارين ۽ موٽرن جو نالو نشان به ڪونه هو، انهيءَ ڪري سندس پٽن، سندس چوڻ مطابق کيس هڪ کٽولي تي کڻيو ۽ مديني منوره طرف روانا ٿي ويا. ايستائين جو جڏهن هڪ منزل تنعيم وٽ پهتا، تڏهن اتي هن عاشق رسول تي موت جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا، پاڻ

آءُ نه گڏي پرينءَ کي، تون ڏو لهين سِج
آءُ جي ڏيئين سنيها، نيئي پرِيان ڏِج
وڃي ڪيچ چئج، ته ويچاري وات مُئي.

نه رڳو ايترو بلڪه هن سچي عاشق پنهنجا پويان پساهه خاص پرينءَ جي پسڻ ڪاڻ پئي ڪنيا، انهن پوئين پساهن ۾ هن پنهنجو ساڄو هٿ، کابي هٿ تي رکيو ۽ عرض ڪيو ته: الاهي! مان تنهنجي ۽ تنهنجي رسول ڪريم جي هٿ تي بيعت ڪريان ٿو. اهي آخري لفظ اچاريندي، هو وصال ڪري ويو. سندس روح پُر فتوح، پنهنجي پالڻهار ۽ اپائڻهار ڏانهن پرواز ڪري ويو.

هن عاشق جي وصال جي خبر جڏهن پاڻ سونهارن صلي الله عليه وسلم جن، پنهنجن صحابن سڳورن سان ڪئي، تڏهن افسوس وچان چوڻ لڳا ته: ڪاش! هو ويچارو اوهان تائين پهچي ها ته ڪيس ڪيترو نه ثواب ۽ اجر عطا ٿئي ها! تڏهن هيٺئين آية ڪريمه نازل ٿي:

و من يخرج من بيته مهاجراً الي الله و رسوله ثم يدرکة الموت فقد وقع اجره علي الله وڪان الله غفوراً رحيما.

ترجمو: ۽ جيڪو الله تعاليٰ جي واٽ ۾، ۽ سندس رسول عليه السلام ڏانهن هجرت ڪندڙ ٿي، پنهنجي گهر کان نڪرندو. پوءِ ڪيس موت پهچندو، تنهن جو اجر بيشڪ الله تعاليٰ تي لازم آهي ۽ الله تعاليٰ بخشڻهار مهربان آهي.

مٿئين آية مبارڪ جو شان نزول جمهور مفسرين جي قول مطابق، مٿي ذڪر ڪيل حضرت جندع رضي الله عنه جو، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سڪ ۾ پنهنجي گهر کان هجرت ڪري نڪرڻ ۽ واٽ تي وصال ڪري وڃڻ آهي.

مخدوم جهاني مجتهد حضرت محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه پنهنجي هڪ ڪتاب نالي ”حيات القلوب“ ۾ لکيو آهي ته جيڪو ماڻهو بيت الله شريف جي زيارت ۽ سيد عالم صلي الله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عليه وسلم جن جي سڪ ۾ پنهنجي گهران هجرت ڪري نڪتو ۽ مديني مبارڪ ۾ پهچڻ کان پهريائين وات تي وصال ڪري ويو ته ڪيس الله تعاليٰ هر سال حج جو ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت جو ثواب عطا ڪندو رهندو.

بهر حال مديني جي مير جي محبت، اسلام ۽ ايمان جو روح آهي. جاڪاڻ ته سندن ارشاد مبارڪ آهي ته: ان ذات گراميءَ جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، تيستائين اوهان مان ڪوبه شخص مؤمن ٿي نٿو سگهي جيستائين مان ان کي، ان جي پيءَ، پٽ ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه ڏيندس. هيءُ آهي پنّائي گهوٽ رحمةالله عليه جن جي چيل مير ”معذوري“ جو روحاني راز ۽ رمزون.

اهڙيءَ ريت لطيفي لات ۾ ڪم آندل ڪناين ۽ اشارن کي قرآن ڪريم ۽ احاديث پاڪ جي روشنيءَ ۾ شرح ڪرڻ مان نه رڳو روحاني راز، مگر اسلام جي هڪ چڱي موچاري تاريخ مرتب ٿي سگهي ٿي. انشاءَ اللهتعاليٰ، آءٌ اهڙي ڪوشش جاري رکندس ۽ هن کان اڳ به اهڙا مضمون لکي چڪو آهيان. شال الله تعاليٰ، سنڌ جي هن عظيم شاعر ۽ عارف جي آيتن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سينهون" هڻن ميهار جون، الا سڀ ٻچن
وڇون جي "ڪيرن" ۾ سدا ٿيون سونهن
مون کي "ماڻڪين"، تانئي هنيو تار ۾.

---

مري تان مَ ميهار، "وڻان" ولهو مَ ٿئي
"وڇن" جي وچار جو ونگو ٿئي مَ وار
ماهڙ مون مينگار، ماڻهن ليکي مهڻو.

سهڻيءَ جي مطالعي کان پوءِ هي نتيجا نڪرن ٿا ته محبت جو هيءُ ماندان، سنڌ ۾ منڊيو ويو آهي نه ڪِ پنجاب ۾. پنجاب جي شاعرن حضرت وارث شاهه کان وٺي غمناڪ تائين تقريباً ٢٢ شاعرن، جيڪڏهن سهڻي ميهار کي ڳايو آهي ته سنڌ جي ٻئي رومانوي قصي سسئي پنهونءَ کي به ته پنجاب جي شاعرن حضرت هاشم شاهه ۽ وارث کان وٺي صوفي سدارام تائين تقريباً ٢٣ شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، ۽ هتي ڪڪ جي هيٺان لڳ ٻيو آهي. مون کي اهو
ڏسي تعجب ٿيندو آهي ته ڪڇهريءَ ۾ ڪيترا ماڻهو جيڪي
ٻاڻ کي شاهه جي ڪلام جا پارکو سمجهندا آهن، سي محفلن
۾ شاهه صاحب جا بيت هڪ ٻئي جي پٺيان پڙهندا ويندا آهن
۽ انهن بيتن جي سطحي ۽ مٿاڇري تشريح ڪندا ويندا آهن.
آءٌ انهي راءِ جو آهيان ته جيڪڏهن اهي قابل ۽ فاضل اديب
شاهه جي رسالي جي هرهڪ بيت جي هرهڪ اکر تي ويهي فڪر
۽ تدبر ڪندا رهن ته ڪين اهڙا ۽ ايترا ته مطلب حاصل ٿي
ويندا جو انهن جي بيان ڪرڻ لاءِ زندگيون به ناڪافي پيون
محسوس ٿينديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد منظور نقوي

# موسيقي

گرامي قدر حضرات!

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جن جي رسالي ۾ جنهن راڳ معذوريءَ جو ذڪر ڪيل آهي، اهو راڳ به هڪ وچايل راڳ آهي، جيڪو قديم زماني ۾ ته رواج ۾ هو، مگر موجوده زماني ۾ ان جي ڪا خبر نٿي پوي.

لطيفي راڳ ۾ جيڪو سر معذوري ڳايو وڃي ٿو، اهو سُرن تي ڌيان نه ڏيڻ جو شڪار آهي، ان ڪري ان جي شڪل ۽ ٻين لطيفي راڳن جي شڪل ۾ ڪو فرق معلوم نه ٿو ٿئي. هي راڳ موسيقيءَ جي ڪتابن ۾ به نٿو ملي. هن راڳ جي وچائجي وڃڻ جو سبب فقط هڪڙو ئي آهي، جو هن راڳ کي انهيءَ زماني ۾ ضبطِ تحرير ۾ نه آندو ويو. حضرت علي عليه السلام جن جي قول مطابق "كل علم ليس في القرطاس ضاع". يعني جيڪو علم لکيونٿو وڃي، سو ضايع ٿيو وڃي. اڻين لطيفي راڳ به بروقت ضبطِ تحرير ۾ نه اچڻ جي ڪري ضايع ٿي ويا آهن. موجوده زماني ۾ انهن وچايل راڳن کي تحقيق جي روشني ۾ ڳولي لهڻ هڪ مشڪل امر آهي. اهو لطيفي ڪلچرل سينٽر جو فرض آهي ته لطيفي راڳ ۽ لطيفي ساز تي ڪو جامع ڪتاب شايع ڪرائجي ته جيئن اسان جو هي ثقافتي وچايل ورثو لڀي پئي.

لفظ معذوري يا معذور جو ذڪر حضرت شاه لطيف جن جي ڪلام ۾ بار بار ٿيو آهي، مگر اهو ذڪر راڳداريءَ جي معنيٰ

روجهه به سسئي جي ڪري سورن ۾ پيا. آخري داستان ۾ سترهين، ارڙهين ۽ ويهين بيت ۾ سسئي رڃن ۾ پڪندي رهي ٿي، ليڪن اتي به مالڪ کي عشق جي پڪار ٿي ڇٽون، ڪونل ۽ ڪونج جي پڪار نظر اچي ٿي:

وڃن ۾ رڙ ٿي، ڪَرَڙ ڇٽونءَ جي ڇانگار
اي عشق جي آڪار، نعرو آهي نينهن جو.

---

گنجي جو واسطو آهي، نه ٻنهون موٽي پنهور ۾ آيو هو، نه مسئي ٻيري ۽ وڏپڻ کي ڀيتي هئي، نه ٿي هن ليلان جهڙو ڪو سودو ڪيو هو، نه ٿي ٻنهونءَ ڪتا ڌاري ڪيچ جي وات ۾ چڙيا هئا ۽ نه ٿي وري ڪو مسئي، لنڊڻ جي لبيس ۾ اچي، ڪانڌ حاصل ڪيو هو. انهيءَ ڪري چوڻو پوندو ته اها ڳالهه ٿي ڪا ٻي ۽ نرالي آهي، جيڪا معذور جي مفهوم ۾ لڪل آهي.

هاڻي جيڪڏهن معذور جي مفهوم کي ڇڏي، رڳو نالي کي ڳوليون ٿا ته به، اهو هن سر جي بيتن ۾ ته ليپي ٿو پر لطيف سائين جي وفات کان پوءِ، اٽڪل هڪ سؤ سالن ڌائين وارن قلمي رسالن ۾ اهو سر ۽ ٻيا چار سر، جهڙوڪ آبري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني، سسئي جي سرود ۾ بند ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي غالباً ١٢٦٩ع ۽ ١٢٧٠ع ڌاري جدا جدا نالن سان وجود ۾ آيا آهن ۽ ان کان پوءِ جي لکيل سڀني قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ موجود آهن، جن ۾ بيتن جي گهٽ وڌائيءَ کان سواءِ جيڪو وڏو اختلاف آهي، اهو هن اچوڪي سر جي نالي جو، جنهن کي ڪن رسالن ۾ ”معذور“ ته ڪن ۾ وري ”معذوري“ ڪري لکيو ويو آهي.

هينئر جيڪڏهن انهن ٻنهي ڌرين جي انتخاب کي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته انهن مان ”معذور“ جو لفظ منتخب ڪرڻ وارا صحيح آهن. چو ته اهو لفظ نه رڳو صرف جي دائري ۾ صحيح آهي، پر لاڪيڻي لطيف به اهو لفظ ”معذور“ ڪري ڪم آندو آهي. جيئن:

معذور مـــرڻ مـن، ڪيچين لاءِ قبـوليو.

---

وجهي وراڪـن ۾، معذور کـــي م منجهاءِ.

اهڙي طرح هڪ واٽيءَ جـي مصرع ۾ اهـو لفظ وري جمع جی شڪل ۾ ڪم آيل آهي، جيئن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ظرفي نشانيون

هونءَ تہ ڪي آواز، حرف يا نشانيون، ڪن اسمن، ضميرن يا فعلن جي پويان اچي، ڪا معنيٰ ڏيکاري نحوي ترڪيب ٺاهين ٿا، پر هن سر جي ٻيءَ ۾ ڪي اهڙيون نشانيون به ڪم آيل آهن، جيڪي ظرف ۽ صفت جي پويان اچي، پڻ ظرف جي معنيٰ ڏيکارين ٿيون. جيئن:

(الف) ظرف + آئي = پڻو ظرف.

رڳي + آئي = وڳيائي (بلڪل رڳي). ”حزن هوت پنهونءَ جو، وڳيائي راحت.“

نسوري + آئي = نسوريائي (بلڪل نسوري) ”ذات نسوريائي نيءَ، پر سڌو سڳ ٿيو.“

(ب) صفت + آئي = ظرف ۽ صفت. جيري + آئي = جيريائي (بلڪل جيري) ”اجلا اڳي مسئي، سنڌ جيريائي مر.“

### فعل مجهول

هن سر جي ٻيءَ ۾ فعل مجهول جون ٻہ شڪليون مليون ٿيون، جيڪي هيٺين طرح ٺهيون آهن:

(الف) فعل معروف جي مصدر ۾ هڪ اکر وڌائڻ، جيئن: ’ڪُهڻ‘ مان ’ڪُهجڻ‘، مضارع ڪهجن. ”هلنديءَ هـوت پنهون ڏي، ڪهجن ڪي ڪوڏيون.“

(ب) فعل معروف جي اکرن ۾ مٽا سٽا ڪرڻ. جيئن: ’رڱڻ‘ جي ’ڱ‘ کي ’ڄ‘ ۾ بدلائي ’رڄڻ‘ ٺاهڻ. ”پيرِ پڻائين ڪوئڙا، وائي ڪيس ’رڄي‘.“

### بي جان اسمن جي جنس

هن سر ۾ بي جان اسمن جي جنس جا نمونا هيٺين طرح آهن:

(الف) اسم مذڪر جا مؤنث ٺاهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪ جو مونث لڪيون. ”لڪون، لڪ لطيف چئي،
اورانگهه آيام.“
ڏڪ جو مونث ڏڪون. ”ڏڪون، ٻڪون، ڏاڪڙا، ڪارڻ
جن ڪيام.“
(ب) اسم مونث جا مذڪر ٺاهڻ.
ٻريت جو مذڪر ٻريتنو. ”متان چوري چڏيين، ٻريتني ٻچار.“
راهه جو مذڪر راهو. ”مڪان ڏي مڪرات ۾، رويو
ٻچان راهو.“

اڪاري فعل

هن سر جي بيتن ۾ فعل کي ناڪاري بڻائڻ لاءِ
جيڪي حرف ڪم آيل آهن، انهن جو خاڪو هيٺين آهي:
(۱) نه. ”ٻر ۾ ٻچي پرين کي، مري نه چاتوءِ.“
”وارو مون وڻاهه، ڪا سڌ سونهپ جي نه ڏهو.“
(۲) ڪو م. ”جان جان ٿي جيئين، تان ٻاڙج ڪو م پنهون سين.“
”هيين لائي هام، ٻاڙج ڪوب ٻلهون سين.“
(۳) ڪين. ”هو مرون، هي ماهه، ڪين ڪهڻيءَ وکيو.“
(ڪين وکيو)
(۴) متان. ”متان چوري چڏيين، ٻريتني ٻچار.“
(متان چڏيين)
(۵) اڻ. ”هونديان هوت ٻري، اوڏو آ اڻ هوند کي.“
(۶) ڪيم ڪم. ”وڏو ڪيم وڻاهه، اونچا ڏونگر م ڏيو.“

معنوي مصدر

هن سر جي بيتن ڪيترا فعل اهڙي نموني استعمال ٿيل
آهن، جو مصدر جي معنيٰ ڏيکارين ٿا. انهن جي ٺهڻ جا
طريقا هيٺين طرح آهن:
(الف) امر حاضر واحد + انديِ = معنوي مصدر.
هل + آندي = هلندي. ”هلندي هوت پنهون ڏي، ڪهڻ
کي ڪوڏيون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعمال ڪرڻ سان تاڪيد جي معنيٰ ڏيکاريندو آهي. هن سر ۾ اهڙا مثال اجهي هيٺين آهن.

(١) جان جان. ”جان جان ٿي جيئين، تان پڙچ ڪو م پنهون سين.“

(٢) جڳ جڳ. ”جيئا اڳي جي جيا، جڳ جڳ سي جين.“

(٣) هٽ هٽ. ”ڪٿوري خوشبوء سين، هارياڻون هٽ هٽ.“

(٤) ڏاري ڏاري. ”ڏاري ڏاري چانگ، مسئي مور پڇڻ جيئن.“

مرڪب اسم

ڪڏهن ڪڏهن ڪي لاڳاپيدار اسم، ڪي گڏيندڙ حرفن کي ڇڏي، پاڻ ۾ اهڙي طرح ملي ويهندا آهن جو اهي هڪ پيا ڏسبا آهن. هن سر ۾ اسمن جا اهڙا روپ اجهي هي آهن.

(١) حال پائي (حال جا پائي) ”پائي حال هلي ويا، ڪنهن کي سور سلان.“

(٢) وڙاهه (راهه جا وڻ) ”واروا مون وڙاهه، ڪا مڻ سونهپ جي ڏهو.“

(٣) مور پڇا (مور جا پڇا) ”ڏاريءَ ڏاريءَ چانگ، مسئي مور پڇڻ جيئن.“

مٽا سٽا يا تبديل

لهجن جي اختلاف يا شعري ضرورت خاطر هڪ اکر جي جاءِ تي ٻيو اکر، هڪ لفظ جي جاءِ تي ٻيو لفظ، هڪ معنيٰ جي بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪنهن آکر کي هڪ جاءِ تان هٽائي ٻي جاءِ تي ڪم آڻڻ جو نالو مٽا سٽا يا تبديل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سر جي بيتن ۾ ان جا هيٺيان نمونا ليئي ڏنا:
(الف) اکري تبديل.

ٺ کي ڙ سان بدلائڻ "رفاقت راکڻ جي، پهتيس ڀاڙ ميڻ."
و = الف = = = "پري ٻپ وٺن ۾، وجهج کا وڙال."
ء = ٺ = = = "'لا' مين اٺي لڏ، 'کين' وساٺي کيچ کي."
ذ = ج = = = "ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نه پاڏيان."
ز = ج = = = "کيهون کوهن پٽيين، کوکون جماجان."
جهه = ڌ = = = "ڌکيء ڌورڻ پاڻ تي، ويچاري وڌو."
ت = ء = = = "هلڻ وير هٺا، ديکي شال دم ڏيان"
گ = ٽ = = = "ٻير پنهنجي پرين لئي، کوڌ رڌائين کالهه."
هه = ٿ = = = "کپر سين کوهيارُ، لوٺي تو لڃائيو."
ء = ٿ = = = "چڏي ٻيٺي چپرين، هاري سپ حجت."
ج = ج = = = "امل پانيان ان کي ماجن سونکي جا چٺي."
(ب) لفظي تبديل.
جيسين بدران جان کم آئڻ "اپر عاجز آهيان، لالڻ جان نه لهان."
جيستائين = جانجان = = "جان جان ساٺئي ساه، ٻاڙج کو م پنهون سين."
تڏهن = تي = = "سکبان سينڍاريا، بچيا تي بهن."
تهه = تـوء = = "توڏي لهين نه پير، توء راحت آهه وڙهن ۾ "

جـان تہ = جيڪين = = "جيڪين منيءَ مان جيڪين ميڙ منيءَ ڪئي."

(ج) اکري مڪاني تبديل.

(۱) ڪرايو جو 'الف' ہوئتي هئڻ ڪاريو بڻائڻ.
"ڦرف لهي مسٽيي ڪٺل کي ڪم ڪاريو."

(۲) پٺو جو 'همزو' اڳتي ڏکي پوءِ بڻائڻ. " وچان جو وچ ہوءِ، سو ڪنهن پر ڪهي لاهيان."

(د) حرفي مڪاني تبديل.

(۱) گهور منجهان کي منجهان گهور ڪري ڪم آڻڻ.
"بهي بهي انيو، گهڏي منجهان گهور".

(۲) ٻـاڻ منجهان کـي منجهان ٻـاڻ = = =
"منجهان ٻاڻ پيادين، هادي ٿي هلاءِ."

(۳) آهيڙين سندا کـي سندا آهيڙيان = = =
"سندا آهيڙيان، آن نہ سهندي هتڙا."

(هہ) معنوي تبديل.

(۱) مضارع جو صيغو حال جي معنيٰ ۾ ڪم آڻڻ. "اي نہ عورت هوءِ، اي ٿان آهہ عشق جي."

(۲) مطلق جو صيغو مصدر جي معنيٰ ۾ ڪم آڻڻ
"هوند نہ سنڌ سياس، هن پريي ڪيس پڌري."

مٿين تبديلين کان سواءِ ٻيٽ ڏٺيءَ وٽ هڪ ٻي تبديل بہ آهي، جيڪا آهي جنسي تبديل، جنهن ۾ ضرورت موجب مذڪر کي مونث ۾، مونث کي مذڪر ۾ بدلايو ويو آهي. جنهن جو بيان صرفي ترڪيبن ۾ "بي جان اسمن جي جنس" ۾ اچي ويو آهي. راهُ، ڏکون، پريتمو وغيره سڀ انهي تبديل جا نمونا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترخيم يا گهٽائي

شعري ضرورت خاطر لفظن کي سندن اصلوکي شڪل کان ننڍو ڪري ڪم آڻڻ جو نالو ترخيم يا گهٽائي آهي. هن سر ۾ گهٽائي جا جدا جدا نمونا هيٺين طرح آهن.

(الف) اسمن جي گهٽائي.

دوست کي دوس ڪري ڪم آڻڻ. "هاري ڪر همت، تہ ڏيٺي دم دوس لهين."

ماڻس کي ماس ڪري ڪم آڻڻ "آدي' وڃيو آکڙي، نڪو ڀي ء نہ ماس."

مُهاڙ = مُهڙ = = = "مهر جا مين جي، سنجهي هت هيام"

(ب) ضمير جي گهٽائي.

آءٌ کي آن^ ڪري ڪم آڻڻ. "سندا آهيڙيان، آن نہ سهندي هڏڙا."

ايها = اي = = = "الدنيا جيفة و طلا بها ڪلاب، اي هيئن سين لاءِ."

(ج) فعل جي گهٽائي:

روئي کي روءِ ڪري ڪم آڻڻ. "ولاڙيو وڻين چڙهي، رئي پسيو روءِ"

سُئو = سوءِ = = = "موڏوا سنڌ نہ سوءِ، ڪنڌ ڪچاڙيا ڪانئيين."

ڪائي = ڪاءِ = = = "ڪتو ڪرني هڏيون، جوانمرد جگر ڪاءِ."

ناهي = ناهہ = = = "ڪيءَ ڏمر ناهہ، بکيءَ ڪل نہ اڇهي."

هئي = هوءِ = = = "مهند مڙنما هوءِ، ڪهي جا ڪين ڪئي."

(د) ظرف جي ڳهڻائي.

ھونئي کي ھوءَ ڪري ڪم آڻڻ. ”سڀ ننگيون ٿي نڪرو، پرھڻ چڙھي ھوءَ.“

جان = جه = = = ” جه يار ڏناڻون يار جو، ھنئي ءِ ھير ڪڙين“.

(ھ) حرفن جي ڳهڻائي.

لاءِ کي لئه ڪري ڪم آڻڻ. ”ھھڻ ننڍن کي ھٿ ٿيي، جي لئه لالڻ لوڻيون.“

واڌارو

جهڙي طرح شعري ضرورت خاطر ڪـن لفظن کي ننڍيو ڪري ڪم آڻبو آھي، اهڙي طرح وري ڪن لفظن کي منڍن اصلي شڪل کان ڪجھه وڌو ڪري به استعمال ڪبو آھي، جنهن کي نحوي قانـون سـوجب ”واڌارو“ چئبو آھي. ھن سر جي ھيٺين ۾ واڌارن جا اهڙا نمونا اجهي ھيٺين آھن:

مهڻا کي ميهڻا ڪري ڪم آڻڻ. ”مر مونهين کي ڏين، ماٺهو اجهو ميهڻا.“

ڀا کي ڀهال ڪري ڪم آڻڻ. ”ايندي ھوءَ ھوتن جي، تون جهلج ھب ڀهال.“

ھرين کي ھريان ڪري ڪم آڻڻ . ”ھريان جي ھسڻ جو، فاقوڙي فرحت.“

سپرين کي سپريان ڪري ڪم آڻڻ. ” سپريان سين سوڀ، ننڍون ڪندي نه ٿئي.“

نه کي نان ڪري ڪم آڻڻ. ”نمرو منجهه نڪونج، اڃي نان آھه عشق جي.“

پيادين کي پيادیان ڪري ڪم آڻڻ. ”ھوتاڻي ھت ڪئي، ھنهون پيادیان“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لٺي کي لوڻي ڪري ڪم آڻن. "سا لوڻي اهلان جيئن، مُٺو جنهن مٿ ڪيو."

ڪاريو کي ڪارايو ڪري ڪم آڻن. "ڇڻي آهي ڇيڙ، ڪارايي جي ڪن ۾."

سنڌين کي سنڌيام ڪري ڪم آڻن. "هر ٺهون ٻٽ ۾، اي سعادت سنڌيام."

سيباٽيم کي سيباٽيام "سا سون سرتيون سيباٽيام، تنهن جيئن ڪم کي ڪيام جال ڪيام."

ونءَ کي وانءَ = = "ڏکي ڏک ستي ڪري، وانءَ ڇپر ٺهي."

سيڻس کي سيڻاس = = "سوئي سو سيڻاس، پري پڙاڏا ڪري."

سنڌيس کي سنڌياس = = "ولاڙيو وڻين ڇڙهي، ٻسو سکه سنڌياس."

ٻيس کي پيياس = = "سڌر سين سگ ڪري، ٻر ڪنڍين پيياس."

سيس کي سياس = = "هوند نه سنڌ سياس، هڻ پريي ڪيس پڌري."

ڪيڻس کي ڪيڻاس = = "ڪير ٻرهڻ، ڪن جي، ڪير چاڙي ڪيڻاس؟"

ڇڙيان کي چوهڙيان = = "ڪهين نه آپ ڪهه، ڏس ۾ چوهڙيان."

انهن واڌارن کان سواءِ امر استقبال جو 'ٻيو روپ' جنهن ۾ امر واحد حاضر جي پويان ايڇ ملائبو آهي، اهو به هن قطار آٽي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) ’زبر‘ ’ڪي‘ جي معنيٰ ۾ ڪم آڻڻ ”ڏکي ڏمر ناه، بکي ڪل
نہ اڇهي“.

= ’تي‘ = = ”وڃي ڪيچ ڪهيج، تہ ويچاري
’وات‘ منجهي.“

(٣) ’زير‘ ’ڪي‘ = = ”ساجن ’ڏن‘ مري، لا ميين
لڏين جي“.

= ’ڏي‘ = = ”’ڪيچ‘ تنهن کي ڪوٺ،
ڪين جنهن جي ڪيچ ۾“.

= ’سان‘ = = ”ڪين ٻهتي مال، حال ٻهتي
هوت کي.“

(٤) ’آ‘ ’کان‘ = = ”سندي لالن لاڏ، ’سيا‘ پوءِ
سنڌ ٿئي.“

”هلندي هاڙهو منهنجي، ’گسان‘
تان م گسان“.

”پر تہ سوچاري ٽيين، اجلا
اگهي اچ“.

(٥) ’ئا‘ ’کان‘ جي معنيٰ ۾. ”’ٽولڻا‘ تنهن م ٽر، جنهن روح
وڃايو واه ۾“.

”موتوا سنڌ نہ سوءِ، ڪنڌ
’ڪچاڙئا‘ ڪانڊين“.

”’هونڊئا‘ هوت پري، اوڏو آ
اڻ هوند کي“.

(٦) ’اي‘ ’۾‘ جي معنيٰ ۾، ”’هاڃي‘ تنهن هنجن، ڏارا سڪ
سيد چئي“.

= ’سان‘ = = ”آگر آگوني نہ مڙي، چپوز ٻہر چنن“.

= ’جي‘ = = ”ڪتو طالب ڏونيجو، اسين ڪتي ڪيڙ“.

= ’تي‘ = = ”ولاڙئو وٽين چڙهي، ڏيو ٻهولي لانگ“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ج) 'سِ' نشاني ضمير غائب لاءِ.

مٿس = اُن مٿي. "مٿس ڪم وڌم، وهان تان نه وس ٿيو".

(د) 'ئي' نشاني ضمير حاضر لاءِ.

ساڻئي = تو ساڻ. "جان جان ساڻئي ساهه، ته ٻاڙج ڪوم پنهون سين"

ڪينئي = توکي ڪائين. "ٻانهين تئي ٻوٽيون تن ڪتا ڪينئي ڪيچ جا".

ڳڌئي = توکي ڳڌو. "هوت ڳڌئي حب ۾، رهبر مٿي راهه".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يـا

جتي جيتريون، لکيون لوح قلم ۾
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.

هتي انسان مڇ پڇ عاجز ۽ ويچارو ٿيو وڃي، جنهن لاءِ قادر ۾ قوي هئڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نظر نٿو اچي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# متن سر معذور

## فصل اول

۱

هلنديءَ هوتَ پنهوءَ ڏي، ڪُڇڻُ ڪَري ڪونيون
ٻَهَڻُ تَني ٻَٽ ٿِيي، جي لَنئي لالڻَ لونيون
سڀِ سهيليون سيڪَ ڪي، چُنجون ۽ چونيون
پاڻِهِ ٿيون پوليون، ته ڪُتا ڪيڻٰي ڪيچ جا.

۲

ڪتا ڪيئي ڪيچَ جا سڌا جي پنهوَ
اڳهِن هوند آسُونهَ، جي جانارَنِ ياد پَٽهن.

۳

مسني پُڇڻ سي، جي پارُتل پنهوَ چارَ جا
وڏيو ويٺي ڏي، ڪايا ڪيچَ ڪُتنِ ڪي.

۴

تن پيٺي جانارنِ يادِ، جي پارِٿل پنهوَ چار جا
سنڌِي لالڻَ لاڙِ، مُيان پوءِ مُنڌَ ٿِي.

۵

جاڳايس جنبُورَ، ڪُتي قريبن، جي
ٻَڌِي ٻنڪي آئُو، گهڏِي منجهان گهُورَ
سڀَ لاهيندو سورَ، گري هڻِ غريبَ جا.

---

* هي متن ”شاهه جو رسالو“ مرتب: (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، سنه ۱۹۷۴ع تان ورتل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦

نڪين آهيون چوهڙا، نڪين آهيون چور
هاڳامان ۽ هور، ڪُتا ڪريون ڪن تي.

٧

ڪتو ڇي قريب جا، آهيون ماڌ سڀئي
ٻهرين بات ٻڌي، ٻچون پوءِ پانڌين ڪي.

٨

ڪهين نه آپ ڪُه، ڏس م چوهڙيان
منڌا آهڙيان، آءُ نه سهندي هٿڙا.

٩

ڪتو طالب دونهين جو، اسين ڪتي ڪيڙ
ڇهڻي آهي چيڙ، ڪاوڙي جتي ڪن ٿو.

١٠

ڪتو ڪرتي هڏيون، جوانمرد جگر کاءِ
الدُّنيا جيفةٌ و طالبها ڪلابٌ، اي
هيڏين سين لاءِ.

١١

يارُ ڏنائون يار جو، پڇي پير ڪڙين
ڦيرڻا نه فرمان ڪان، انهين منجهه آهين
ڏسي نه ڏاڙهين، شبان جي سڪ ڪي.

١٢

سڳبان سينداڙنا، ٻچڙا تي ٻهون
ڦيرڻا نه فرمان ڪان، مڻ نه موتيڙن
ڪونهي ڏوهه ڪتن، ڏاڪارڻا ڏاڙهين تا.

١٣

ويٺو آهي وات تي، ڪتو ڪتي وت
پوتيون پانڌيڙن جون، جهڙيو ڪري جهٽ
جا ڳمرن ۾ گهٽ، سا پونچي تي پوريون ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۴

ڏُکا ڏُونگرَ جا ڀِرُ وَنِ، مَرُ تا مون ٿي ڪَنِ،
پُوندا ڪين پَريتِ تي، هُن جا سَڏَ تا سُڃَنِ،
سَنگُڏِي جيءَ سيد چئي، آهي سَڏُ سڄڻِ،
هوند نه هيتِ ڏَرنِ، هِر قرابتَ ڪمُ ڪيو.

۱۵

ڪَمِ قرابتَ جَنِ، جيءَ هيتي آئمِ هيٺَنِ
رِفاقتَ راڳنِ جهي، پهتيس ٻاهرَ سيڻَنِ
ماڻهو ملاحظو تنهن جو، ڪيچِ نه ڪندا ڪيٺَنِ
ذاتِ نسورياڏي نيئي، هِر سَڌَرَ سين سنگ ٿئو.

۱۶

چَچَرَ اوتارا ڪري، سَيندِي تي ميرنَ.
جيڪين چَيَسِ جيڏيون، سو نه ڪيائين ڪَنِ،
معذورِ مَرڻُ مَنِ، ڪيچي لاءِ قبوليو.

۱۷

چچر اوتارا ڪري، ماڻيائين مزا
پُرتِ ڪي ٻپَ ۾، ڪارِنو پنڌُ قضا
وَسُ نه ويچارِيَ جو، جيڪا رب رضا
متان جانِ جزا، لاٿائين لطيف چئي.

۱۸

سَڌَرَ سين سنگ ڪري، پرِ ڪنڌين پيپاسِ،
ڪيرِ برهمڻ ڪَنِ جيءَ، ڪيرُ چاڙهي ڪيماسِ،
هوند نه سينڌُ سياسَ، هنَ ٻرپي ڪيتس هڏري.

## وائي

خوبي منجهه خِفت، اي دوستَ! دِقتَ
آهي عبداللطيفَ ڪي، وو
۱. مدحَ مون کان نه ٿيي، سندي سوءَ صفتَ
۲. هجي ڪريان هيجَ سين، مطالعَ محبتَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣. حزنُ هوتَ پنوهَ جو، رُڳيائبي راحتَ
٤. پريان جي پيتيانَ جو، فاقو ئي فرحتَ

## فصل دويم

١

ڏُکيَ ڏَمَرَ ناهِ، ٻُکيَ کيلَ نہ اچهي
اُگهاڙيَ وِڇاءُ، وِنو ويچاري وسري.

٢

اديون وَرُ اُگهاڙَ، وِڇانِ جنہ وِسارئو
جيڏيون! ڇڏي جاڙَ، سپ ننگيون تي نڪرو.

٣

سپِ ننگيون تي نڪرو، پرههَ چڏي پوءِ
سَهندِ سِرُ نئان هوءِ، ڪَهي جا ڪين ڪٽي.

٤

سپِ ننگيون تي نڪرو، لالچِ ڇڏي لوڀ
سپيريانِ جي سوڀَ، ننڍيون ڪندي نہ ٽئي.

٥

ڪَنهي جا ڪين ڪٽي، پيريَ پهتي سا
وِهي ويڙهيچي جا، وَصلَ تنہ وچائيو.

٦

وصلُ تنہ وچائيو، سِيندِ سرهي سِين
سا لوئي ليلانِ جين، مَٽيون جنہ مُٽِ ڪيئو.

٧

پاڻُ نہ تہي پاڻَ ڪان، اِيُ پاڻان تہي نہ پاڻَ
وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ، مِنَ اللهِ تَعَالى
چوليي ڏِسجُ چاڻَ
چانئي ڏسج چاڻ ڪسي، چانئي منجهان چاڻَ
جتي ۾ مڌڪين مسئي، پنج پنڌَ پريانَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيئين هيڪاندي هاڻ، لاڻ ساڻ لطيف چئي.

٨

هوندِ نا هوتُ پري، اونءُ آهه اڻ هوندِ ڪي،
ساڄنُ ٿنِ سري، "لا" سين لڌينِ جي.

٩

لائي خنجر "لاءِ" جو، هي خنجر ڪي هڻ
سڌنِ جيون، سيدُ چئي، ونءُ سڀ وڪڻ
پيرُ پروڙي ڪڻُ، ته هلڻ ۾ هوري وهين.

١٠

هوريئن هاڙهو لنگهڻو، ٿيُ جربدي جوءِ
هوندِ جنهين سين هوءِ، هوتُ نه هوندو ٿن سين.

١١

هوريئن هاڙهو لنگهڻو، مٿي موسٽ چڙهِ
لڪَ سين آتي لڏِ، ڪين رساڻي ڪيچ ڪي.

١٢

هورين هاڙهو لنگهڻو، ڳوريون پاسي ڳوٺِ
ڪيچَ تني کي ڪوٽ، ڪين جن جي ڪيچ ۾.

١٣

هورين هاڙهو لنگهڻو، ڳوريون ٽيون ڳمنِ
هاڄي تنهن هنجڻ، ڏاران سيڪ، سيد چئي.

١٤

نڪا هيت نه هتِ ڪا، ڳوري سندي ڳالِ
ڪين پهتي سال، حالِ پهتي هوتَ کي.

١٥

ڏينهان ڏاريَ ويسَ، راتيان روئي رتُ ڦڙا
لنبرنِ جي لبيس، ڪاند ڪميءَ ڪندو.

١٦

ڏينهان ڏاريَ روءِ، راتيان روئي رتَ ڦڙا
منجهه ويچاريَ ووءِ، پرا وا ورنِ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧

ٻُرا وا ورنِ مين، اندرِ ڪالوٽِي ڪالهه
ما تا تون سليمان، هُوءَ جا ڪيڏي هوت مين.

١٨

ٻـهـرا وا ورن مين، انــدرِ مَنڊَ مـاتـام
سسئي موجهڙي ڪيڏا، تعلق سڀِ تمام
نيئس نيمَ نيامَ، ڏسڻ ڏاري ويس ۾.

١٩

ڏســڻ ۾ ڏاري، انــدر سَتي سسئي
انهين ٻَرِ آري، ڪانڌُ ڪميٺي ڪنئو.

## وائي

هَل هوتنِ ڪارڻ حال
شالا سگهڙ ٿيندين ساٿ جي

۱. ٻير ٻهنجي ٻرين لَٿي، ڪوڏ وَتائين ڪال
چڙهندي مير چوٽيين، لَڪن ڪنڙس لالِ
۲. جي پائيين جتن جي، ويجهي ٿيان وصال
ٻري پَٻ وَرَن ۾، وجهڃ ڪا وَڙال
۳. ڪيچان آئيو قافلو، مَين سَتي مال
ايندءَ بوءِ بوتن جي، جهليج ٻَب ٻهال
۴. جيٿي جماڄن ڪي، جبل ٿين جنجال
پُڇج ٻپادين ڪي، آتِ آريانئي احوال

---

## فصل سيوم

١

هلندي هاڙهو متئي، ڪرڻُ ڪوهه ٻنام
آرڏا آري چام ري، گونڌرو گڏاوڙام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪيون لڪَ، لطيف چئي، اورانگھڻ آيام
ٻُرڻ ٻنوهَ ٻٺرِ ۾، اي سعادت سنڌيامِ
ستيسِ ڪمُ وَڏامِ، وهان تان نه وَسُ پئو.

٢

هلندي هاڙو مٿي، ڏکڻ منهنجا ڏوهه
هو وڃڻ سر انڻ ٿئي، هي هنڌ ٻجاڙي ٻوه
ليڙن ري لطيف چئي، ڪئن ڪريندس ڪوهَ؟
اڳئان واڻو سچي روه، وهان تان نه وس پئو.

٣

هلندي هاڙهو مٿي، ميسي ڏيندس ساهُ
لڳڻ تان، لطيف چئي، ٻاري نيئُم ٻاهُ
ڪندو ٻاجهه اللهُ، وهان تان نه وس پئو.

٤

ھلندي هاڙهو مٿي، ڳسان تان مَ ڳسان
لڪڻ تان لطيف چئي، ورڙهي سانَ رمان
ٻنوه شالَ ٻسان، وهان تان نه وس پئو.

٥

پائي حالَ هتاي وٺا، ڪينهه ڪي سورُ سلان
ڪنڌو لنجَ، لطيف چئي، لڪڻ منجهه اچان
پاندي ڪيرُ ٻچان، وهان تان نه وس ٿيو.

٦

وَڏو ڪيم وٺانُ، اونچا ڏونگر مَ ٿيو
ڏيمو مَ نيڻانُ! ته ٻير نهاريان پيرين جو.

٧

وارو مون وڻاهُ، ڪا سُڌ سُونهَپَ نه ڏهو
اِيَ اماڻي ڳالهڙي، شجر سنپجاهُ
چونيئڻ چاڙهيجاهُ، ته موڙهي ڪو منهن ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨

وارُو سون وڻراهَ، ڪا سڌ سونهپ جي نه ڏهو
وڃهي وراڪنِ ۾، معذور ڪي مَ منجهاهه
منجها پانڌ پيادين، هادي ٿـي هلاءِ
پيريان ڪي پهچاءِ، ته لڳي لوئو نه ڏيهن.

٩

وارُو مون وڻڪارِ، ڪا سڌ سونهپ جي نه ڏِهو
آهي آسونهين جي، متي ٿو ميار
وڙهڻا ويراڳن مين، لڪن جا ليارَ
ڪريان ٿي ڪُوار، ڪنڊن ڪانڊيرن جي.

١٠

ڪنڊا سون پيرن ۾، ٽوٽي لک لڳن
آگر آڳوني نه مڙي، چيچون پير چڀن
ويندي ڏانهُ پرين، جتي ذات نه پائيان.

١١

جتي سي پائيندي يون، جتي پير پرينءُ
لائيون سي پرينءَ، سسئي پاروچن ڪي.

وائي

جيڏيون! جا جڙَ لائي جيَ جتن
سا سون سرتيون! سيبائيام
تنهن جهڙو جالَ ڪيئوم

١. مهرَ جا ميون جي، منجهي هٿ هيامِ
صبح متي مڪتب ۾، وسلي وِيامِ
٢. هڪلَ هوت پنهوَ جي، سڳرَ منجهه سيامِ
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ٿهر ٽوپ ٽيامِ
٣. ڪوڙين پال پنهوَ جا، گنجي منجهه گڙدامِ
متي منگهر پٺين، مڱوڙي مار لڏيامِ
٤. ڪيئون ڪهن پٺين، ڪُوڪُون جماجان
هوتاڻي هٿ ڪنهي، پنهو پيا ديان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۵. ڏکون، بکون، ڏاکڙا، ڪارڻ جن ڪنام
سونهي ماءِ پنهور ۾ اگهڻ سي آيام

---

## فصل چهارم

١

مري جيءَ تہ ماڻهين، جانب جو جمال
تنهن هوندَ حلالُ، جي پند اهائي پاريين.

٢

مرُ تہ موچاري ٿئين، آجلان اڳي اڄُ
جانڪين هئين جيري، تہ سَنڌ پنهوران پڄ
پنوه ساڻ پهچُ، تہ ملڪ الموت ماڻهين.

٣

مرُ تہ موچاري ٿئين، جيئڻ آڏو جت
هاري ڪرِ همت، تہ ڏيئي دم دوست لهين.

٤

مر تہ موچاري ٿئين، ويهي جيءَ ۾ جوءِ
دل ۾ آڻ م دور تون، ڦيرڻ سندو ڦير
توني لهين نہ ٻيرُ، توءِ راحت آهي وڙهڻ ۾.

٥

مر تہ موچاري ٿئين، ويهي جيءُ ۾ جوءِ
سنڌ مرڻا پوءِ، ٻيچندين ٻنوه کي.

٦

آجلان اڳي سڀئي، سنڌ جيريائي مرُ
ڏوليان تنہ ۾ نر، جنہ روح وڃايو راه ۾.

٧

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨

جيئا اگهي جي جيا، جُنگُ جُنگُ سي جيئن
او موٽي ڪين مرن، مرئا اڳي جي مُئا.

٩

اونچو آناٿهون گهڻو، جيئڻ ڪي جنجال
مرڻ مون سين هلُ، ته پڻيئي تو پندُ ڪريان.

١٠

تو سڱ ساه ڪٺڻ سين، جيئڻ گوشي جاءِ
مرڻ! مون سين آءُ، ته پڻيئي تو پند ڪريان.

١١

تو ساماڻي سٿي، مرڻ ڪيئو مردار
ڪپڙ سين ڪوهيارُ، لوٽي تو لڄائيو.

١٢

پر ۾ پڇين پيري ڪي، مري نه چاتوءِ
مُوتُو منڌ نه سوءِ، ڪنڌ ڪُڇاڙئا ڪانئيين.

## وائي

توڏن تان نه ٽنوارئو، مهنجو لاڻ وارڻو
الا ميان! الله ڪارڻ اونها

١. شرف لهي سٿي، ڪمل ڪي ڪمُ ڪارهو
٢. ميندي مور ملير جا، چانگن ڪي سپ چارهو

---

## فصل پنجم

١

هٿين، پيرين، مونڙيين، هلج مان هنيئين
عشقُ آريَ چامَ جو، نيباهي نيئين
جانُ جانُ ٿيي جميئن، تانُ پاڙج ڪو مَ
پڻوه مين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲

هٿين، ٻيرين، مونڙيين، ڪَهجُ ٻَرِ ڪپارَ
مَٿان چوري چڏيوم، ٻيريتي ٻچارَ
توکي سَنَڌَ سسئي، سندي لَنءُ لهار
جي هونئي هوتَ هزار، ته ٻاڙج ڪو مَ
پنوه سين.

۳

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪهجُ پَرِ قِدامَ
وچِ وسيلو ناهه ڪو، اوري آري ڄام
هيءِ لائي هامَ، ٻاڙج ڪو مَ پنوه سين.

۴

هٿين، ٻيرين، مونڙيين، ٻري ڪجُ پرکَ
قدم ڪيچ ڏٿيون ڏي، ٻاءِ وڏندي وکَ
جي هونئي هوتن لکَ، ته ٻاڙج ڪو م ٻنوه سين.

۵

هٿين، پيرين، مونڙيين، سيرجُ ساه ٻساهَ
هوت گذبئي هب ۾، رهبر متي راهَ
جان جان ساٿيئي ساهَ، ته ٻاڙج ڪو مَ پنوه سين.

۶

نَڏي نَڪي نه وِهي، نَتي ڪري تاڻَ
وڏائين وڻڪاز ۾، سسئي ٻاڻُ سڪاڻَ
ڍُڇي پَه ٻڪين ڪي، ٻئي منڌ ٻرياڻَ
ڏَن ڏِنس ڏيهه وٺو جا، الله لڳ آهڃاڻَ
مان ٻرچن ٻاڻَ، آڇي آرياڻي وري.

۷

اڳهين انگ سندون، وهي جيلاهين وٺو
کهڙو ڏوهُ ڏيون، سو منه آڏيو ساٿيئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨

توڻي ولاڙون ڪريئن، توڻي هلين وڪ
لکئي منجهان ليڪ، ذرو ضايع نه ٿيي.

٩

ليکئو منجهه نراڙ، سو اڳ ڪياڙي نه ٿئي
پارئو ويٺي پار، جيڪين لاڻ لکئو لوح ۾.

١٠

جتي جيتريون، لکيون لـوح قلـم
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.

١١

ڪنائين ڪيچين لـئي جنسو جلاوت
چڏي پيٺي چيرين، هاري سڀ حجت
هئي نماڻي نست، پنڌ وڌائين پاڻ تي.

١٢

ڏکي ڏورڻ پاڻ تـي، ويچاري وڏو
ڏيل جنه جـو ڏکـ سين، سيوئي سڏو
هنئڙس اڳـ لڏو، پوء تي ڪري پنڌڙا.

١٣

پنڌ نه پنڌن جيترو، ڪي سڄهندي ڪيچ
جيڪر ڪريان ريهه، ته ڇوندا منڌ چري ٿئي.

١٤

ڇونم مـر چري تي، پر جيئڙ منڌ مٺين
مـر موٺيـن ڪي ڏين، ماڻهو اڄئو ميهڻا.

١٥

ماڻهو ڏيئي ميهڻا، مونکي ڪندا ڪوه
جو چوري ۾ چوه، سا پٺئون ٿيندي پير تي.

### وائي

وڳهه ۾ وات وڃڻي،
هو الله ميان! جي کهنڊيءَ تي لهنديءَ

۱. ڪنهن اڃي ڪا کهڙي، ڪنهن اڃي ڪا چڻي
آملُ پانيان آن کي، ماڇڻ مونکي جا چمڻي

۲. پيرَ پڻائيءَ ڪنبرا، وائي ڪٽرس ڙ وَڃي
منهن ڪر معذوريءَ ڏي، ٻنوه چام ٻرڇڻي

۳. مونکي تينه مارئو، جتڻ مونکي جا چڻي
وندُرَ وانڙيءَ تي، ڪانڌي ڏينڌم ڪڇڻي

---

## فصل ششم

۱

جهلي تان نه رهان، ڏاران ٻسڻ ٻريڻ جي
آهر عاجزُ آهيان، لاڻ جان نه لهان
فردا مون ڦٽي ڪيو، وعدي ڏي نه وهان
صباحَ سڀڻي نه سهان، خواه ميڙين خواه ماريين.

۲

فردا مون ڦٽي ڪي، نقدُ ڪنيو نار
هيَ جا واڳ وڙهي جي، ويرمَ ڏي م وار
جيڪي سڀَ مار، جيڪي ميڙ سڀ ڪي.

۳

سڀي تي مُدعا گهري، موت ٿئو موجود
آڇين تان آج ڪريان، صباح جو مجود
جيڪي نئي وجود، جيڪي ميڙ سڀ ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤

جيڪي ميڙ مٿي ڪي، جيڪي مٿي مار
ڏکيءَ کي ڏيکار، هيڪر هوتُ اکين سين.

٥

ڏکي ڏي ڏڏور، لهسي لڳي پنهه جي
ڏيئي آڳ آتور، ستپ نه ڪاڻي سمهي.

٦

ڏکي ڏک وسار، سيج ڦٽي ڪر سمهي
پڇي پير نهار، ته آرياڻي آتان لهين.

٧

ڏکي ڏک سٺي ڪري، ونءِ چپڙ پيهي
گڏيئي ڏيهي، سوڏيون ڏيندءِ سي خبرون.

٨

ڏکي ڏيهاڙي، سٺيءَ سٺي هٿڙا
تينهه ڀر نه ڪاڻي، جنهه ڀر جيي جيڏيون.

٩

ڏسو ڏکان اڳرو، سمهي آڻ مَ شڪُ
تي پانهي پر اوڻيون، لڏ مَ پسي لڪ
ور پنهوءَ سين پلڪُ، ڪوءِ پارنهن ماه پٺن سين.

١٠

هردم هوتَ پنهوءَ جو، ڏمڻُ پانئج، ڏکَ
ور پنهوءَ ساڻُ پلڪ، پتن پارنهن ورهه پٺن سان.

١١

تورَ وايرسي تيءُ، وڃڻ ويرمَ سٿهي
ڏيئي مرجُ ڏونگرين، جتن ڪارڻ جي
هڏ نه هوندو هيءُ، ساه پريان تان صدقو.

١٢

ڏکي سنڌيون ڏونگرين، آڏيءَ آهون پئوز
ڏاوي جو ڏونگر ڪي، سو ڪين چيو چئون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آريءَ جي افسوس ۾، ماڻهو مرون رُنِ
اِنَ پَر ميٺي مُون، هينئڙا جنِ هڄي ويا.

١٣

ڏکي سنڌيون ڏونگرين، ڀسو پٽون پُون
مٺي پچائا منڌ کي، روجهه رچُنِ ۾ وُون
پٽونا اِيهَين چُون، تہ مٺيءَ امان کي ماريو.

١٤

ڏکيءَ سنڌيون ڏونگرين، اوچنگارون اچنِ
مٺي مانگي سسئي کي، کيلو کٿو کيچين
جي هٿان هوت مرنِ، هوتُ تني جي هنجَ ۾.

١٥

ڏکي سنڌيون ڏونگرين، وڻ ٽڻ وايون ڪن
وڻان وڻهي جنِ، وَڏيءَ سي واڍوڙا.

١٦

وڏي سي واڍوڙئا، رت نہ ڏنو جن
سوتُ قبوليو تن، ڏنو جن ڏکيءَ کي.

١٧

ڪنهن جنهن ڏُکان ڏي، پارانيا کي پاندَ ڀيئين
سورِ پَرڏائين سي، ڳلِ ڪڍائين جن سين.

١٨

ڪو جو وڏيءَ وڏُ، وڻ وڏيائين وڏَ سين
ڏکُ ڏکيءَ ڏڏُ، جنِ ڏٺي سي ڏکئا ٿئا.

١٩

وڏلَ ٿي وايون ڪري، ڪنلِ ڪوڪاري
هڻنَ پَنَ پهنجا ساوڻا، هيءَ هنجهون هڏنِ
لئي هاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٠

ڏکيءَ تہ وڃ ڏکارُ، تہ وڙي وسڻ مينهڙا
صاحبَ هٿِ سڪارُ، هين وسڻ آهن هٿڙا.

٢١

ڏکيءَ تہ ڏکارُ، سيئين ڏيهہ سڪارئو
ٻاروچاڻو پارُ، سيوئي سواءِ مين.

وائي

هوت هاڙهي ڏاري هوندا، ون ۽ وَهيڻي سات ڏي
١. جتي پنڌ نہ پيچرو، سونها وڃڻ رونـدا
٢. اسونئين، عنات چڙيءَ، پيرَ پهڻين ٻهوندا

---

## فصل هفتم

١

آءٌ نہ گڏي پيرىَ کي، ٿورا ڏينهن ٿئا
راتين روزُ وئا، عبثُ آري چام ري.

٢

آءٌ نہ گڏي پريءَ کي، سنسين سچ وٺا
هلَڻَ وير هيئا، ڊريکي شالَ دمُ ڏيان.

٣

آءٌ نہ گڏي پري کي، تون ٿو لهين سچُ
آءٌ جي ڏيين سنيها، نيئي پريان کي ڏجُ
وڃي کيچ ڇنجُ، تہ ويچاري وات مني.

٤

آءٌ نہ گڏي پريءَ کي، ٻويون ٿيو ٻساهُ
سڪانٛ تي سڪرات ۾، رويو پڇان راهُ
شال مَ وڃم ساهُ، ڏارانٛ ٻسڻُ پريءَ جي.

۵

آءُ نہ گڏي پري ڪي، عمر تان ويٺي
ولهي ڏينهن وڃائيا، سرتيون سيئي
پيري ۾ پيئي، آڪيون آري ڏي ڪئي.

٦

آءُ نہ گڏي پريَ ڪي، جوين وئو جارُ
آڏا آريچن ڏي، چاڙهيڪا ۾ چارُ
مون مٿيَ ڪان نہ ٿيي، وڏيڙن منجهہ ولارُ
عمرَ سيہ آوارُ، وايم ٿي واڪا ڪريان.

٧

آءُ نہ گڏي پري ڪي، هيُ پڻ ڏينهُ وئو
نهوڙي ناپٽن سين، مونڪي نيہ نيئو
مٿيَ موت ٿئو، ڳيي پيي ڪندي ۾ ڳنڍ ۾.

٨

آءُ نہ گڏي پريَ ڪي، آيو عزرائيل
جورائي سين جيڏيون، نڪو قال نہ قيلُ
آيو موتُ دليلُ، مارينديُ مرادَ ڪان.

٩

آءُ نہ گڏي پريَ ڪي، مٿان آيو موتُ
واجهائيندي ورہ ٿيا، هڏ نہ گڏ ٿيم هوتُ
جيڪس ٿينديس فوتُ، فنا هن فراق ۾.

١٠

ولاڙئو وٺين چڙهي، ڳيجهن ٿيندي ڳاهُ
مسئيَ سوريَ چاڙهئو، ڀريان لئي ڀساهُ
هو ميرون هي ماهُ، ڪين ڪميئيَ رکئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١

ولاڙڻو وٺين چڙهي، وَنـي ٻسٺو روءِ
وچان جو وچ ٻوءِ، سو ڪنهن پر ڪـَهي لاهيان.

١٢

ولاڙڻو وٺين چڙهي، آونـْچـَن مٿي اڄُ
لالڻ ڪارڻ لڄُ، ٻاسٺائين ٻرداڙ جـي.

١٣

ولاڙڻو وٺين چڙهي، ڏرڻو ٻـٽولي لانگ
ٽاري ٽاري چانگ، مسڻي سور ٻچن جٺن.

١٤

ولاڙڻو وٺين چڙهي، ٻسو سگهـه سنديـاس
آڏي وچٺو آڪڙي، نڪو ٻيُ نـه ماس
سو ڏي سو سڏاس، ٻـري ٻڙاڏا ڪري.

١٥

ولاڙڻو وٺين چڙهي، ڏايو ڏوري ڏور
سپيريان جي سور، ٻري ٻــڙاڏا ڪري.

١٦

ٻري ٻــڙاڏا ڪري، اوري نـه آهي
ڪمتر ڪا ڪاهي، ٻهچڙي هـِن ٻـٽي ڪي.

١٧

رچـن ٻر وڙ ٽي، ڪـَر ڪووَل جي ڪـُوڪ
وَلٽولو ۽ وُوڪَ، اي تان آهَ عشق جي.

١٨

رچن ٻر وڙ ٽي، ڪـَرَ چتونءَ جـي چـانگاوَ
اي عشق جـي آٻڪار، نعرو آهي نيه جو.

١٩

رچن ۽ وڙ ٽي، جهڙي ڪري جـوءِ
اي نـه عورت هوءِ، اي تان آهَ عشق جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٠

ڄڄڻ ۾ وڙ تي، ڪڙ ڪڙڪي ڪونج
نعرو منجهه نيڪونج، اِي تان آه عشق جي.

٢١

وڄڻ ۾ رڙ تي، ڪر سارنگي ساز
اِيُ عشق جو آواز، ماڻهو ڪن منڊ تي.

## وائي

ڏڻ مون منجهه تنوار هو يار
سدا آهي سڪ جي، وو تن من ...

١. تنهن ڇنڪڻ ڇيت ۾ جنهن ما گهنڊي لاو
٢. لڳي اڄ اکين ڪي، سيکهو سوٽ ستار
٣. ڀسان ڪين ڀريٿو، ڪاڏي پرت پچار
٤. ٻنڌياڻي پنهور ۾، آهيان آهنان ڏار
٥. مونکي ڇڏ م ڇپرين، آرياڻي آڌار
٦. ڏيان خبر خزان ۾ ٻي تو منجهه بهار
٧. مضير تان مونکي ٿيا، حڪيم هزار
٨. دوا آهين دل جي، وارُو واقفڪار
٩. آئي ڏي عليل کي، معجونون سوچار
١٠. آهي عبدالطيف کي، تهنجي ڏي پچار

## وائي

هي گهايل هڏ ڳهوري،
او الا! وو ميانا ڪيچي مون نه سگهيا
١. عشق آري چام جي، هي جهونڙي هڏ جهوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢. وهي جا رڇن ۾، سا ڇپر ڇڏهو مَ ڇوري
٣. اديون آريچن لئي، ڏونگر ٽيندس ڏوري.

## وائي

هاڙهي هَلي روءِ، هَنئي ٻير هٿائن مان
١. مٿيَ ماتم آئيو، کو ٻوري ٻنهلَ کي چوءِ
هلي ....
٢. ونڊرَ جي وٽائن ۾ ٿي، جربون هنئي جوءِ
هلي ....
٣. آريَ جي اولاد مان، ڪل ڪيچ مَ وڃي ڪوءِ
هلي ....
٤. طالب کي تمرُ چوءِ، کو ڏس ڏيرن جو ٻوءِ
هلي ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# رسالي جو هڪ قلمي نسخو

حضرت شاهه عبداللطيف رحه جي سوانح ۽ رسالي تي گذريل نون سالن کان وٺي تحقيق جو ڪم هلندڙ آهي، جنهن ھيٺ هن وقت تائين جملي ارڙهن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. رسالي جي هڪ مستند ۽ معياري متن تيار ڪرڻ لاءِ ضروري هو ته قلمي توڙي ڇاپي رسالا جيڪي به دستياب ٿي سگهن، تن کي پڙهجي ۽ پرکجي، جيئن بيتن ۽ واين جون صحيح پڙهڻيون قائم ڪري سگهجن.

جيتوڻيڪ رسالن جو هٿ اچڻ مشڪل هو مگر گهڻي محنت ۽ جفا ڪشي کان پوءِ سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر ڳولا ڪري شاهه جي رسالي جي قلمي توڙي ڇاپي رسالن جو پتو لڳايو ويو. سنڌ کان ٻاهر اسان خاص طرح انگلنڊ جي ڪتبخانن ۾ ڳولا ڪئي. اتي برٽش ميوزيم ۾ رکيل قلمي رسالي جي خبر اڳئي مشهور هئي، پر ان کان سواءِ اسان ”انڊيا آفيس“ جي ڪتبخاني ۾ ٻيو هڪ قلمي رسالو ڳولي هٿ ڪيو. اهڙيءَ طرح جملي ايڪيهه قلمي ۽ ٽيرهن ڇاپي رسالا هٿ ڪيا ويا. انهن جملي چوٽيتاليهن رسالن جو مطالعو ڪري هڪ تحقيقي ڪتاب ”شاهه جي رسالي جا سرچشما“ سنه ١٣٩٢هه / ١٩٧٢ع ۾ شايع ڪيو ويو. ان کان پوءِ به ٻيا قلمي رسالا هٿ آيا، جن تي ”لطيف سالگره مخزن سال ٧١ - ١٩٧٢ع“ (جيڪا سنه ١٩٧٣ع ۾ شايع ٿي) ۾ روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي وٺي. ان کان پوءِ به ڳولا جاري رهي ۽ ست (٧) قلمي رسالا هٿ ڪيا ويا، جن جو تفصيل "لطيف سالگره مخزن، سال ٧٣-١٩٧٤ع" مطبوع سنه ١٩٧٥ع ۾ ڏنو ويو آهي.

اسان کي پنهنجي ذاتي ڪوشش ۽ جستجو سان اڄ تائين جيڪي رسالا دستياب ٿيا آهن، تن جو مطالعو مٿئين تفصيل موجب شايع ٿي چڪو آهي. ليڪن جيئن ته سڄي سنڌ ۾ "شاهه جي رسالي" جو وڏو ذوق شوق رهيو آهي، انهي ڪري سنڌ جي هر پڙهيل گهر، توڙي ذاتي ڪتبخانن ۾ رسالي جا ڇاپي يا قلمي نسخا موجود هجڻ يقيني آهي. انهي ڪري هن وقت تائين هٿ آيل نسخن تي اڪتفا نه ڪندي، اسان تلاش جو سلسلو جاري رکيو، جنهنڪري ١٢٧٧ هه جو لکيل هڪ وڏيڪ قلمي نسخو مليو، جنهن جو مطالعو هيٺ ڏجي ٿو.

## محمد صالح مجاور جو لکيل نسخو

### ڪتابت جي تاريخ

تاريخ چهار دهم ماه ربيع الثاني سنه ١٢٧٧ هجري.

### ڪاتب جو نالو

حاجي محمد صالح مجاور ولد حافظ وڏيرو مجاور.

### ورقن يا صفحن جو تعداد ۽ تختي

١٨٥ ورق. صفحي جي ڊيگهه پوڻا ١٢- انچ ۽ ويڪر پوڻا ٨- انچ. تحريري تختي جي ڊيگهه ساڍا ٩- انچ ۽ ويڪر ساڍا پنج انچ. هر صفحي تي ١٨ سٽون. پنو سنهون، لسو ۽ ولائتي. هن رسالي ۾ ٻن رنگن جا پنا ڪم آيل آهن. ورق ١١١ تائين اڇا پنا، باقي هلڪي سائي رنگ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## متن جي شروعات

رب يسر بسم الله الرحمان الرحيم و تمم بالخير

باب اول در سرود کليان و اين سه ۳ فصل انجاميد ـ فصل اول در ذکر توحيد فصل دويم در ذکر تعريف درد عشق فصل سيوم در بيان آزار محبت.

فصل اول در ذکر توحيد

آول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهه قيوم
والي واحد وحده رازق رب رحيم
سو ساراهه سچو ڌڻي چئي حمد حکيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جيون.

## متن جو خاتمو

ڪمر بستي ڪاپڙي چلڻ جيون ٿا چون
سڱيون سناسين جيون وڃڻو پورب پون
جوڳي هت نه هون، ڪين نيڪندا ڪاپڙي.

فقط تاريخ چهاردهم ماه
ربيع الثاني سنه ۱۲۷۷ هه
از دست حاجي محمد صالح مجاور
ساکنه هاله کندی تحرير يافت

## سرن جي سلسليوار فهرست ۽ سرن ۾ فصلن جو تفصيل

(۱) سرود ڪليان ۳ فصل (۵) سرود سامونڊي ۳ داستانه
(۲) سرود جمن ۸ داستانه (۶) سرود سوهڻي ۹ فصل
(۳) سرود کنبهات ۲ داستانه (۷) سرود سارنگ ۴ داستانه
(۴) سرود سراگ ۲ داستانه (۸) سرود ڪيڏاره ۲ داستانه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو فارسي ۾ گهاڙهي مس سان مختصر مضمون ڏنو آهي، هرهڪ "بيت"۽"وائي" جو لفظ پڻ وچ ۾ گهاڙهي مس سان لکيل، سر جي آخر ۾ "تمام شد" لکيو اٿس. ڪن سرن جي شروع ۾ فارسي بيت پڻ ڏنــا اٿس. ڪن هنڌن متن جي حاشيه ۾ رهيل مصرعون ۽ لفظ ڏنا اٿس. هيٺ هر هڪ سُر جي انهن اضافن جو تفصيل ڏجي ٿو.

سرود ڪلياڻ.

باب اول در سرود ڪليان و اين سه ۳ فصل انجاميده.

فصل اول در ذڪر توحيد فصل دويم در ذڪر درد عشق فصل سيوم در بيان آزار محبت.

- فصل اول در ذڪر توحيد.
- فصل دويم در داستان تعريف عشق.
- فصل سيوم در بيان آزار محبت.

بـگــوش هـــوش بـڪــيــرد نيڪ بشنو
بچشم و ديـــده انـصاف بـــنـــگـــر

سرود جمن .

باب ديوم در سرود جمن و اين باب به هشت داستانه انجاميده.

- داستان اول تون حبيب تون طبيب
- داستان دويم بيت
- داستان سيويم در هي هي وهي هاء من ۾ محبوبن جي
- داستان چهارم هيڪ پيالو
- داستان پنجم قرب ڪبرياءُ
- داستان ششم داڏودي ديون ڪري
- داستان هفتم عاشقن الله ويرو تار
- داستان هشتم هر هر هورائي

تحرير تـاريخ بيست پنجم مـاه رجب الـمرجب از دست حاجي محمد صالح مجاور تحرير يافت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوشته بماند سیه بر سفید
نویسندرا نیست فردا امید

سرود کنیات

باب سویم در سرود کنیات و این باب به دو داستان انجامید.

- داستان اول پلائي آهين هرين
- داستان دويم ناسيندي نگاه

هر آنکس که این خط نوشت
عفو کن گناهش عطا کن بهشت

سرود سراگ

باب چهارم در سرود سراگ و این باب شش داستان انجامید.

- داستان اول مانَ پڇنيي سپرين چيتان لاه مَ ڇڙ
- داستان دويم جيڪي منجهه جهان
- داستان سويم کوها ڪال کٽي آن وڏا آتر آسري
- داستان چهارم سيٺي سنئين ڪري
- داستان پنجم سون ٿي چيٺي ڪانڌ پٽي ياڙ
- داستان ششم ٽانگهي م ٽاٽي پڌ پنهنجو ترهو

طلب کن در عزیمت دین حیدر
چه کردي کردو روباهان مکار

سر ساموندي

سرود ساموندي و اين به سه ٣ داستان انجاميد.

- داستان اول پگهه ياسي گهارم آيل ساموندين جي
- داستان دويم اج پڻ وايون ڪن ونجارا

هر آن گناه که کردیم آشکار نهاد
بحق آل محمد ﷺ ازین همه بگذر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر سهڻي

سرود سهڻي ساڻ نون فصلن انجاميد، سواء ابيات متفرقه.

- داستان اول وه ڦڪ واهڙ تڪ جت نينهه
- داستان دويم ڪرڳل ڪوچ گهڻا جت جر واڳو ڄيڀارڻين
- داستان سيوم تڙ تڪڻ تار گهڙڻ اِي ڪاوياڻي ڪم
- داستان چهارم اديون سڀ اندام منهنجا ڇڙن ڇوڙڙا
- داستان پنجم مانده سڀ درياء ڀري ڪنڌي پار جي
- داستان ششم ساهڙ جا سينگار
- داستان هفتم تڙ نه گهڙي توڙ توئي مڻ ڪاڍو مهار ذي
- داستان هشتم ٻڌندي ٻوڙن کي ڪي هانڪ هٿ وجهن
- داستان نهم جر تڙ تڪ توار
- ابيات متفرقه

عيب رندان مکن اي زاهد پاکيزه سرشت
که گناه دگران برتو نخواهند نوشت

سرد سارنگ

سرود سارنگ به چهار [داستان انجاميد

هر آن گناه که کرديم آشکار نهاد
بحق آل محمد ﷺ ازين همه بگذر

سرود کيڏارو

الٰهي الٰهي خطا کردم
تو برما مگير آنچه ما کردم

سرود سسئي (آبري)

سرود سسئي واين ڪلام به پنج سر منقسم است سرٌ
اول آبري، سر دويم معذوري، سر سويم ديسي، سر چهارم
ڪوهياري، سر پنجم حسيني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر اول در کلام آبري و اين سرود به يازده داستان منقسم است و بعد ازان ابيات متفرقه آورده شد عاقبت بخير.
ـ تمت تمام شد کارمن نظام شد. انشاءالله تعالي
يا رب بکشائي بـــر منم درحال بسته
محتاج غير نکني ايـــن شکسته

سرود معذور

سرود کلام مسمي سر معذور بهفت داستان انجاميد.
ـ داستان اول هلندي هوت پنونه ڏي

رسالي جي منڍ ۾ سُرن جي فهرست ڏنل آهي، ان جي آخر ۾ ڪاتب جي هٿ اکر هيٺين عبارت لکيل آهي:
”هيءَ رسالو تصنيف شاه عبداللطيف ساڪنه ڀِٽَ
لکيل حاجي محمد صالح مجاور ساڪنه شهر هالا نوان
جيڪو ڪو دعوي ڪري ملڪيت پهنجي جي دعوي
ان جي ڪوڙي آهي.“

رسالي جي آخري صفحي تي هڪ پاسي هيٺين عبارت تحرير ڪيل آهي:
”مالڪ حاجي محمد صالح مجاور ولد حافظ وڏو مجاور.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book